Funded by the European Union

Government of Sindh

unicef for every child



# Teacher Training Module:

# Sindhi

## Learning Cycle Twelve

لفظي بناوٽ ۽ جملن جي جوڙجَڪ

Sindh Technical Assistance – Development through Enhanced Education Programme (STA-DEEP)

STEDA · PITE · Sukkur IBA University · THE AGA KHAN UNIVERSITY

School Education & Literacy Department (SE&LD)

Government of Sindh.

## تربيت جو تعارف ۽ استدلال

**پيارا استادو!**

اسڪول ايجوڪيشن ۽ لِٽريسِي ڊپارٽمينٽ (SE&LD) حڪومتِ سنڌ جَي استادن جِي لڳاتار پيشه وراڻي اهليت جي اوسَر (CPD) واري پروگرام ۾ پليڪار. هي اسڪول ڪَلَسٽَر تي ٻَڌل استادن جي لڳاتار پيشه وراڻي اهليت جي اوسر (CPD) جو پروگرام، سال 2021 جي نظرثاني ٿيل اسڪول ڪَلَسٽرِنگ پاليسي ۽ سال 2022 جي CPD ماڊل تحت تيار ڪري لاڳو ڪيو ويو آهي.

تدريسي مواد تي آڌاريل سِکيا جَي مرحلن (CBLCs) جِي هِيءَ تواتر، جنهن ۾ 11 ڪان 20 ماڊيُولَ شامل آهن، توهان جي ڄاڻَ ۽ صلاحيتن کي "ڪلاس جي مواد تي ٻڌل تدريسي عملن" ۾ ويتر واڌ آڻڻ لاءِ ٺاهي وئي آهي. شروعاتي ذهن سِکيا جي مرحلن (LCs) ۾ توهان جي تدريسي صلاحيتن کي بهتر بڻائڻ تي ڌيان ڏنو ويو ته جيئن شاگردن لاءِ ڪلاس رُومَ کي فعال، ڀرو وٺندڙ ۽ پُرلُطف بڻائڻ ۾ مدد مِلَي. انهن صلاحيتن جي بنياد تي، اهي سِکيا مرحلا (11- 20) پهرين کان اٺين درجي جي شاگردن لاءِ رياضي، سائنس، انگريزي، اردو ۽ سنڌي مضمونن ۾ سِکيا جا موقعا فراهم ڪندا ۽ ڪلاسَ جي حالتن کي اثرائتي نموني مُنظم ڪرڻ لاءِ توهان کي جديد تدريسي حڪمت عملين سان گڏ انهن مضمونن جي ڄاڻ پَريو بڻائيندا.

**سِي پِي ڊِي پروگرامَ جو نصب العين**

هِنَ پروگرامَ جو مقصد سچي سنڌ جي اسڪولن ۾ سِکيا عملن جي معيار کي بهتر بنائڻ آهي، ته جيئن شاگردَ سرگرم ۽ معاون سِکيا وٺندڙَ، سِکيا جي ڏکيائين کي حل ڪندڙَ ۽ تنقيدي سوچ رکندڙَ ٿين، ته جيئن هوُ پنهنجو ڪم تخليقي اندازَ ۽ اعتمادَ سان ڪري سگهن. اهي سِکيا جا مرحلا شاگردن کي واضح طور تي موضوع جي ڄاڻ سمجهڻ ۽ سِکيَل عِلم ۽ حاصل ڪيل مهارتن کي پنهنجي آسي پاسي جي دنيا سان ڳنڍڻ ۾ مدد ڏيندا. انهن گڏن جي حاصلات کي ممڪن بڻائڻ لاءِ، استادن کي ڪلاسَ ۾ تدريسي ضرورتن ۽ مضمونن جي مواد لاءِ بهتر نموني تيار ٿيڻو پوندو. ان کان علاوه هي پروگرام استادن کي اسڪول ڪَلسٽر جي بنياد تي CPD جي ذريعي خاص تربيت ڏئي ٿو ته جيئن هوُ شاگردن جي سِکيا جي نتيجن کي بهتر بڻائي گهٽواڳتي وڌائين.

**سِي پِي ڊِي پروگرام جو تدرِيسي فلسفو**

لڳاتار پيشيوراڻي اهليتَ جي اوسَر (CPD) جا سمورا سيشَنَ شراڪتدار جي سِکيا ٺيڻ جي خيالَ مطابق آهن. ان سوچ سان شرڪت ڪندڙن جي حوصلا افزائي ٿئي ٿي. ته جيئن؛ هڪ ته هُو فعال طور تي بااختيار سِکيا عمل ۾ مشغول ٿي وڃن، ٻيو ته خود تشخيصَ سان گڏ جوڙيدار ساٿيءَ اجي راءِ وٺڻ کي هَٿِي وٺرائجي، ۽ آخري طور تعليمي وهنوارَ ۾حصو وٺندڙ استادن جي هڪ ڪميُونٽِي ٺاهجي. انهن ڳالهين جو بنيادي مقصد تدريسي عملن کي وڌائڻ ۽ موضوعي مواد جي نظريي ۽ تدريسي حِڪمت عملين جي سمجھ کي فروغ ڏيڻ آهي ته جيئن شاگردَ سِکيَل عِلم تي اثرائتي نموني ۽ اعتماد سان پنهنجي روزاني زندگيءَ ۾ لاڳو ڪرڻ جي قابل ٿين.

**توهان لاءِ سهڪاري**

هي ٽريننگ ماڊيُول ڪلاسَ جي تدريسي هدايتن جي عملن ۾ توهان جي مدد ڪرڻ لاءِ ٺاهيو ويو آهي. اهو توهان آڏو مضمون جو موادَ ۽ ڪلاسَ ۾ استعمال لاءِ ڪجهه طريقا متعارف ڪرائيندو. اهو توهان جي تدريسَ کي وڌيڪ منظم بڻائيندو ۽ توهان کي هڪ ماهر استاد جي حيثيت ۾ اڳتي وڌڻ ۾ مدد ڏيندو.

استادن لاءِ آن لائين CPD پورٽل

استادن لاءِ ماهِرن کان سوالَ پُڇڻ، خيالن جي تبادلي ۽ ذاتي سِکيا جا تجربا ۽ (CBLCs) کي لاڳو ڪرڻ ۾ درپيش ڏکيائيُن جي حَلَ لاءِ هڪ آن لائن CPD پورٽل تيار ڪيو ويو آهي. آن لائين CPD پورٽل استادن کي سِپني ضلعن جي ٻين استادن ۽ مضمونن جي ماهرن سان ڳنڍڻ ۾ مدد ڏيندو ته جيئن هُو استادن جي ڪميونٽي جي حيثيت سان معلومات وندين ۽ سِکن.

آن لائين پورٽل: /https://stadeep-cpd.com

**نوٽ:** هي مواد جي بنياد وارا سِکيا جا مرحلا (CBLCs) اسڪول ايجوڪيشن اينڊ لِٽريسي ڊپارٽمينٽ (SE&LD)گورنمينٽ آف سنڌ پاران منظورڪيل سنڌيءَ جي پهرين ڪان اٺين درجي تائين جي نصابَ ۽ درسي ڪتابن جي ميلاپ سان، STEADA ۽ PITE جي نگرانيءَ هيٺ تيار ڪيا ويا آهن. هنن ۾ پهرين ڪان اٺين درجي تائين جا سنڌي درسي ڪتابَ حوالي طور استعمال ڪيا ويا آهن.

CBLCs: 1-20: مهرباني ڪري LCs 20-1 جي عنوانن جي مڪمل فهرست ڏسڻ لاءِ آخري صفحي کي ڏسو.

**مَڃتا**

هي ماڊيُول انسٽيٽيوٽ فار ايجوڪيشنل ڊولپمينٽ جي صوبائي انسٽيٽيوٽ آف ٽيچر ايجوڪيشن (PITE) جي هدايت هيٺ IBA سکر يونيورسٽي ۽ آغا خان يونيورسٽيءَ پاران تيار ڪيو ويو. ان ۾ يونيسيف پاران سنڌ ٽيڪنيڪل اَسِسٽَنس ڊِولَپمينٽ جي ترقي يافته تعليمي پروگرام (STA-DEEP) جي ذريعي مدد رهي؛ ۽ يورپي يونين پاران مالي مدد ڪئي وئي.

اسان هيٺين سهڪار ڪندڙن جا دِل جي گهرائيُن سان شُڪرگُذار آهيون:

| | |
|---|---|
| محترم سيد رسول بخش شاھ | ايگزيڪيوٽو ڊائريڪٽر، سنڌ ٽيچرس ايجوڪيشن ڊولپمينٽ اٿارٽي (STEDA) |
| محترمہ نصرت فاطمہ ڪلهوڙو | ڊائريڪٽر جنرل پراونشل انسٽيٽيوٽ آف ٽيچر ايجوڪيشن (PITE) |
| محترم عِنات الله شيخ | ايڊيشنل ڊائريڪٽر، ڊائريڪٽوريٽ آف ٽيچر ٽريننگ اِنسٽِيٽيوُشنس سنڌ |
| ڊاڪٽر الطاف حسين سمون | ڊائريڪٽر ايگزيڪيوٽو ڊولپمينٽ سينٽر ايٽ سکر آءِ بي اي يونيورسٽي |
| ڊاڪٽر تڪبير علي | ايسوسيئيٽ پروفيسر ۽ ڊائريڪٽر آئوٽريچ ايٽ آغا خان يونيورسٽي، ڪراچي |
| محترم عبدالمجيد پُرٽ | ڊائريڪٽر، ڊَڪار چامشورو |
| ڊاڪٽر عبدالوحيد ڪَلوَڙ | ايسوسيئيٽ پروفيسر جي سِي اِي سکر/ ماڊيول ڊِوَلپر ۽ سبجيڪٽ اِسپيشلِسٽ آءِ بي اي سکر |

| | |
|---|---|
| محترمہ ريحانہ پروين ميراڻي | مادبيول ڊِوَلپر ۽ ڊپٽي ڊائريڪٽر، اسٽيڊا |
| محترم دِلشاد احمد ڏيٿو | مادبيول ڊِوَلپر، گورنمينٽ ايليمينٽري ڪالج آف ايجوڪيشن، حيدرآباد |
| محترم حسن علي | مادبيول ڊزائنر، سکر آءِ بي اي يونيورسٽي سکر |
| محترم سيد ڪامران شاھ | پروجيڪٽ مينيجر، سکر آءِ بي اي يونيورسٽي سکر |
| محترمہ رابعہ بَتُول | پروجيڪٽ مينيجر، سکر آءِ بي اي يونيورسٽي سکر |
| محترمه اَبِير مقبول | ايجوڪيشن مينيجر، يونيسيف |
| محترم آصف ابرار | ايجوڪيشن اسپيشلسٽ، يونيسيف |
| ڊاڪٽر پرويز پيرزادو | ايجوڪيشن آفيسر، يونيسيف |
| محترم آفتاب احمد نظاماڻي | نيشنل ٽيچرس پروفيشنل ڊِولپمينٽ ڪنسلٽنٽ، يونيسيف |


# لفظي بناوٽ ۽ جملن جي جوڙجَڪ

**سکيا جا مقصدَ:** هن تربيتي مرحلي جي پُڄاڻيءَ تي، سکيا وٺندڙ ان قابل ٿي ويندا ته اهي؛

- سنڌي لفظ ٺاهڻ جا اصول سمجهندا ۽ عام لفظ ٺاهڻ جي نمونن کي سُڃاڻي سگهندا.
- سنڌي جملن جي ساخت کي سمجهڻ ۽ تجزيو ڪرڻ جي قابل هوندا.
- سنڌي لفظن جي ٺهڻ ۽ جملي جي جوڙجڪ کي سيکارڻ لاءِ اثرائتي طريقي سان پنهنجي سبقي منصوبي ۾ شامل ڪري تدريسي مشق طور پيش ڪري سگهندا.
- سنڌي لفظن جي ٺهڻ ۽ جملي جي جوڙجڪ جي شاگردن جي سمجهه کي جاچڻ لاءِ تشخيصي سرگرمين کي ترتيب ڏيڻ ۽ لاڳو ڪرڻ جي قابل هوندا.



# سيشن پلان

| Time<br>وقت | Objective<br>سرگرميءَ جو مقصد | Activities/learning experiences<br>سرگرميون / سِکيا جا تجربا ۽ هدايتون | Materials/resources<br>گهربل سامان/ وسيلا |
|---|---|---|---|
| <br>10 منٽ | • پليڪارڊ / شروعات ڪرڻ<br>• ذهني آمادگي سان آغاز ڪرڻ | 1. سيني شرڪت ڪندڙ استاد صاحبن کي هن تربيتي پروگرام ۾ پليڪارڊ چئو.<br>2. پروگرام جي باقاعده شروعات قرآن پاڪ جي تلاوت سان ڪريو.<br>ابتدائي سرگرمي: ذهني آمادگي (Motivation)<br>• ڪُوڙ يا سَچ ۽ هڪ ڪُوڙ<br>شرڪت ڪندڙن مان ڪي ميمبرَ پاڻ بابت سنڌي ٻوليءَ سان لاڳاپيل ٻه سَچيون ۽ هڪ ڪوڙي ڳالهه بيان ڪندا، ۽ ٻيا اندازو لڳائيندا ته ڪهڙي ڳالهه ڪُوڙي آهي. مثال طور؛ 1. مان سنڌي ٻوليءَ جو استاد آهيان. 2. مان سنڌي پڙهائي سگهان ٿو.<br>3. مونکي سنڌي ڳالهائڻ نه ايندي آهي. (ڪُوڙ) | بورڊ، مارڪر، ليپ ٽاپ، پروجيڪٽر وغيره.<br> |
| <br>05 منٽ | تربيتي مرحلي جي ايجنڊا ۽ مقصدن کان آگاهه ٿيڻ | • تربيتي ماڊل جو تعارف<br>مختصر تقرير سان ڏينهن جي ايجنڊا ۽ مقصدن جو جائزو بيان ڪريو. | |

| | | | |
|---|---|---|---|
| 35 منٽ | * سنڌي ٻوليءَ ۾ لفظن جي بناوت جي بنيادي اصولن کي سمجهڻ<br> | • ابتدائي سرگرمي: لفظي ڳانڍاپي جي راند<br>شرڪت ڪندڙ هڪ پرچيءَ تي سنڌي ٻوليءَ جو ڪو لفظ لِکي پوءِ ان سان لاڳاپيل ٻيا لفظَ لکندا، ۽ پوءِ اهو ٻئي ساٿيءَ کي ڏيکاريندا<br>مثال طور؛ چوڪر + چوڪرُ، چوڪرِ، چوڪرا، چوڪريون، چوڪرن، چوڪرين، چوڪري، چوڪريءَ، چوڪرات، چوڪراٽي ...<br>• ذيلي موضوعَ:<br>1. سنڌي صرفيات جو تعارف<br>2. جوڙ نشانيون (اڳياڙيون ۽ پڇاڙيون)<br>3. سنڌي مرڪب لفظ<br>4. ضميري پڇاڙين جي بناوت<br>• سرگرمي نمبر 01: جوڙين ۾ خيالن جي ڏي وٺ (Pair share)<br>1. شرڪت ڪندڙن ۾ ضمني موضوعن تي ٻَڌل **مددي مواد** 01 مطالعي لاءِ ڏئي، کين هدايت ڪريو ته ان جو غور سان مطالعو ڪن ۽ جوڙين ۾ خيالن جي ڏي وٺ ڪَن.<br>2. تنهن کانپوءِ ڪي ٻه ٻه نمائندا چاٽايل موضوع تي مختصر پيشڪش ذريعي خيالن جو اظهار ڪندا.<br>• سرگرمي نمبر 02 : مختصر تقرير (Mini Lecture)<br>شرڪت ڪندڙن جي پيشڪش تي مختصر تعميري موٽ ڏئي چاٽايل ضمني موضوعن تي وضاحتي تقريرَ ڪريو.<br>• تشخيصي سرگرمي: (سوال جواب)<br>1. سادا ۽ مرتب لفظن تي سوالَ<br>2. مرڪب لفظن بابت سوالَ<br>3. ضميري پڇاڙين بابت سوالَ | <br>x |

| | | | |
|---|---|---|---|
| 60 منٽ | سنڌي ٻوليءَ ۾ جملن جي بناوٽ جي بنيادي اصولن ڪي سمجهڻ<br> | • ذيلي موضوعَ<br>1. سنڌي جملي جا جُزا (فاعل، مفعول، فعل)<br>2. سنڌي جملن ۾ لفظن جي ترتيب<br>3. سنڌي جملن جي جوڙجڪ (سادا، مرتب ۽ مرڪب)<br>4. جملن جا بياني قسم (امري، بياني، سوالي، عجبي، تمنائي وغيره)<br>• گروهي سرگرمي<br>1. مددي مواد جو مطالعو<br>هدايت: پنج گروپ ٺاهيو ۽ گروپن ۾ مطالعي جو مددي مواد نمبر 2 جون ڪاپيون ورهائي ڪين هدايتون ڏيو ته مددي مواد جي بغور مطالعي ڪانپوءِ هڪ ٻئي سان خيالن جي ڏي وٺ ڪن، ۽ پوءِ هيٺ ڏنل موضوعن تي مختصر تدريسي سرگرميون تيار ڪن. | مددي مواد نمبر 02<br><br>سنڌي درسي ڪتاب، ليپ ٽاپ، وغيره.<br> |

| | | | |
|---|---|---|---|
| | لفظي بناوت ۽ جملي جي جوڙجڪ تي عملي تدريس جي مشق ڪرڻ | گروپ پهريون: سادا ۽ مرتب لفظ<br>گروپ ٻيون: مرڪب لفظَ<br>گروپ ٽيون: ضميري پچاڙيون<br>گروپ چوٿون: مرڪب ۽ مخلوط جملا<br>گروپ پنجون: بياني تبديلي (هاڪاري، ناڪاري، سوالي جملا)<br><br>2. پيشڪش:<br>تياريءَ ڪانپوءِ گروهي پيشڪش ڪرايو. هر پيشڪش کان پوءِ ٻين گروپن کان راءِ وٺو ۽ آخر ۾ پنهنجي بروقت تعميري ۽ اثرائتي موٽ ڏيو. | |
| 15 منٽ | سموري مرحلي جي ڪارگذاري جو ورجاءَ ڪري خلاصي يا حاصل مطلب بيان ڪرڻ ۽ مجموعي جاچ | ذيلي موضوع<br>• سموري ڏينهن جو نتيجو ۽ حاصل مطلب<br>• جاچ | |

| | | | |
|---|---|---|---|
| | | • خلاصي جي سرگرمي<br>اڄوڪي سيشن متعلق سيکيا حاصل ڪندڙن کان تاثر وٺي پوءِ پاڻ سموري مرحلي جي ڪارگذاري جا اهم نڪتا خلاصي جي صورت ۾ بيان ڪريو.<br>• تشخيصي سرگرمي<br>1. لفظي بناوٽ ۽ جملن جي جوڙجڪ جي تشخيص لاءِ هڪ پيمانو يا رُوبرڪ شرڪت ڪندڙن کان ٺزائن ڪرايو. | |

## لفظي بناوٽ

بناوت جي لحاظ کان سنڌيءَ ۾ لفظن جا ٻه مکيه قسم آهن؛ 1. مُفرد لفظَ 2. مَشتَق لفظَ. **مُفرد يا سادا لفظ**، هڪ ئي معني پري جُزي تي ٻڌل ٿين ٿا. اهي ڪنهن ٻئي لفظ مان ڦٽل ناهن هوندا ۽ انهن کي وڌيڪ ننڍڙن معني پرين جُزن ۾ ٽوڙي نه ٿو سگهجي. مثال طور؛ وڏو، چوڪر، پٽ، هاٿي، چاٽ، ماٽهو وغيره.
**مشتق يا ڦُٽل لفظ** وري ٽن قسمن جا آهن؛ 1. مرتب 2. مرڪب 3. دُهرايل
**مرتب لفظَ** اهڙي معني پرين جُزن مان جڙيل هوندا آهن، جيڪي اڪثر لفظي بنياد سان اشتقاقي يا گرداني **جوڙ نشانين** (اڳياڙين، پڇاڙين) جي ميلاپ سان ٺهيل ٿين ٿا. جهڙوڪ؛ وڏو+ آئي= وڏائي، چوڪر+آ= چوڪرا، ماٽهپو، اڻ چاٽ، نِپٽو، سُلچٹو وغيره. سنڌيءَ ۾ جوڙ نشانيون لفظن جو عام حصو آهن. جيڪي اشتقاقي ۽ گرداني قسم جون هونديون آهن ۽ اهي اسم، صفت، ضمير ۽ فعل سان لڳن ٿيون. مثال طور؛

| اڳياڙي | لفظ | پڇاڙي | لفظ |
|---|---|---|---|
| اَ | اَپاڳو | پڻ | ننڍپڻ |
| اڻ | اڻٽيٽي | وال | ٻچڙوال |
| با | با ڪردار | هار | پالڻهار |
| بالا | بالادست | باز | چالباز |
| بد | بدڪردار | بند | نظربند |
| بي | بي چئي | دار | صوبيدار |
| رَ | ريڪانديو | ڪش | محنتڪش |
| گهڻ | گهَڻگهُرو | پڇاڙي | لفظ |
| نِر | نِرلچو | گار | خدمتگار |
| مها | مها راجا | گير | مُلڪگير |
| نِ | نِپُٽي | مند | صحت مند |
| سُ | سُپٽيو | ڙو | پنڌڙو |
| ڪُ | ڪُپٽيو | ڙي | ڳالهڙي |

مرڪب لفظَ ٻن يا وڌيڪ لفظن جي ميل مان جُڙيل هوندا آهن. اُهي مختلف قسمن جا ٿين ٿا. جهڙوڪ؛ مرڪب اسم، صفتون، فعل، طرف، زيرِ اضافت، -و- بناوٹ، دهراء وارا ٻٽا لفظ، مهمِل لفظ وغيره.

| | |
|---|---|
| مرڪب اسم | جاچَ پڙتالَ، گهرَ ڏٽي، ڏيتي ليتي |
| مرڪب صفتون | ڪٽومِٺو،چڱوڀَلو، ٺَڪوماندو |
| مرڪب فعل | اچ وڃ، ڏي وٺ، اچي ڏس |
| مرڪب ضميرَ | تون ۽ مان، ڪو نه ڪو |
| مرڪب ظرفَ | تڙ تڪڙ، ٺڙ ٺپ، هوريان هوريان |
| زيرِ اضافت | قابلِ ذڪر، |
| -و- بناوٹ | عزيز و اقارب، ملڪ و قوم، |
| دهراء وارا ٻٽا لفظ | ٻَڪَ ٻَڪَ، گهڙيءَ گهڙيءَ، ڪير ڪير |
| مهمِل لفظَ | پاٽي ٻاٽي، ماني ڏاني، مهمان مِڙو |

متصل يا ڳنڍيل ضميري پڇاڙيون:

سنڌيءِ ۾ ضميري پڇاڙيون ٽين ٿيون جيڪي اسمن ۽ حرف جرن سان لڳائي ضميرن جي متبادل طور استعمال ڪيون وڃن ٿيون. ضميرُ اسمَ جي جاءِ تي استعمال ٿيندو آهي. ساڳي طرح سنڌي ٻوليءَ ۾ هڪ طريقو اهو به آهي ته اسمن، فعلن ۽ حرف جرن سان ضمير خالص جي بجاءِ ضميري نشانيون ملايون وينديون آهن. مثل طور؛ هٿ ۾ ڦٽي اٿم. ڏيٿس ڀاڪٽرياٽي آهي. ڪيس هڪ ڳالهه ٻڌايم. چوانس ٿو ته هليو وڃي. سُپاٽي ڪين خط لکندس. ڇا خريد ڪيو اٿن؟
مٿين جملن ۾ هي بناوٽون غور طلب آهن؛ اَٿَمِ، پُٺس، ڏِيٺس، ڪين، اَٿَن. انهن لفظن سان م ، س، ن، وغيره متصل ضميري پڇاڙيون آهن.

## جملن جي جوڙجَڪَ

جملن ۽ فِقرن ۾ لفظن جي بيهڪَ يا ترتيب جي مطالعي کي نحويات چئجي ٿو.

لفظي ترتيب: عام لفظي ترتيب موجب سنڌي SOV يعني، فاعل، مفعول ۽ فعل واري ٻولي آهي. يعني، سندس جملي ۾ فعل آخر ۾ ۽ ٻيا لفظن جا جُزا وچ ۾ اچن ٿا. پر ائين به آهي ته تصريفي (Inflectional ) ٻولي هئڻ ڪري سنڌيءَ کي لفظي ترتيب جي پابنديءَ جو لاچار ڪونهي. (1) ادبي انداز يا خاص زور وغيره جي ڪري عام ترتيب تبديل ڪري سگھجي ٿي.

جملن جا قسم ۽ انهن جي ترتيب؛ ترڪيب جي لحاظ کان جملو ٽِن قسمن جو ٿئي ٿو؛ 1. مُفرِد يا سادو 2. مُرڪب 3. مَخلوط.

سادو جملو هڪ فعل واري حصي، فقري تي مشتمل ٿئي ٿو، جنهن جو فقرومرڪب جملي جو حصو ٿي سگھي ٿو. جڏهن ته ذيلي قسم جي فقري کي پورو ڪرڻ لاءِ هڪ ٻئي فڪري جي ضرورت پوي ٿي. مثال؛ هن جو پيءِ ماستر آهي. (آزاد ) سپاهيءَ چيو؛ مان نوڪري نه ڪندس. (ذيلي)

مرڪب جملو ؛ مرڪب ۽ مخلوط جملا سادن جملن مان ٺهن ٿا. مرڪب جملي ۾ هڪ کان وڌيڪ فعل يا ساده جملا حرف جملي ذريعي ڳنڍيل هوندا آهن. مثال؛ هو نه آيو ته تنهنجو ڇا ٿيندو.

مخلوط جملو هڪ مکيه آزاد يا سادي جملي سان گڏ، هڪ کان وڌيڪ ذيلي جملن، فڪرن تي مشتمل هوندو آهي. مثال؛ هو پوڙهو جيڪو توهان جي آفيس ۾ ڪم ڪندو هو، ڪلهه مري ويو.

بياني تبديلي؛

سنڌيءَ ۾ بياني قسم جي سادن جملن کي هاڪاري، ناڪاري ۽ سوالي بڻائي سگھجي ٿو. مثال؛ ها مان استاد آهيان. (هاڪاري) تون ڪالهه نه آيو هئين. (ناڪاري) ڇا هي تنهنجو دوست آهي؟ (پڪ واروسواليه جملو) توهان هِت ڇو ايندا آهيو؟ (فهمي سوالي جملا).

## حوالا

الانا، غلام علي. 1987. سنڌي ٻوليءَ جو اڀياس. انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي. سنڌ يونيورسٽي. ڄامشورو.

چنڊ، محمد عمر .2004. سنڌي ٻولي. لسانياتي جاگرافي، آراڌايون ۽ لفظي ترتيب. سنڌي لينگئيج اٿارٽي حيدرآباد.

**For reference:**

**List of 1-20 LCs topics**

| Topics | Learning Cycles (LCs) |
|---|---|
| ٻُڌڻَ جي مهارتَ | LC-1 |
| ڳالهائڻَ جي مهارتَ | LC-2 |
| پڙهڻَ جي مهارتَ (i) | LC-3 |
| پڙهڻَ جي مهارتَ (ii) | LC-4 |
| لِکڻَ جي مهارتَ | LC-5 |
| زبان شناسي | LC-6 |
| تقريرَ جي مهارتَ | LC-7 |
| پسنديدگي ۽ تنقيدَ | LC-8 |
| تخليقي تحريرَ | LC-9 |
| زندگيءَ جون لِساني مهارتون | LC-10 |
| سنڌي صوتيات جي تدريسَ | LC-11 |
| **لفظي بناوٽَ ۽ جُملن جِي جوڙجڪَ** | **LC-12** |
| سنڌي نظمَ جي تدريسَ | LC-13 |
| سنڌي نثرَ جي تدريسَ | LC-14 |
| سنڌي پڙهائڻَ جا طريقا ۽ حڪمت عمليون | LC-15 |
| سنڌي پڙهڻ جون ڏکيائيون | LC-16 |
| سنڌي پڙهڻ جي چڪاسَ | LC-17 |
| سنڌي مضمون نويسيءَ جي تدريسَ | LC-18 |
| سنڌي ٻولي سِکيا لاءِ ٽيڪنالاجيءَ جو استعمال | LC-19 |
| شاگردن جي چنگ-ڀلائي | LC-20 |

**Contact email address:**

**kamranshah@iba-suk.edu.pk**

## School Education & Literacy Department (SE&LD)

## Government of Sindh